# ڪعبي جي باري ۾ دلچسپ معلومات

سنڌي










شيخِ طريقت، اَميرِ اَهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

محمّد اِلياس عطّار قادري رضوي

دامت برڪاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله** عَزَّوَجَلَّ **اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفکر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: ڪعبي جي باري ۾ دلچسپ معلومات

ڇاپو پهريون: ذي القعدة الحرام 1441هـ، جون 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مکتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مکتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.


www.dawateislami.net

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# ڪعبي جي باري ۾ دلچسپ معلومات

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

هي مضمون ”عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون“ جي صفحي 202 کان 226 مان ورتو ويو آهي.

# كعبي جي باري ۾ دلچسپ معلومات

## دعاءِ عطار

ياالاهي! جيڪو بہ رسالو ”ڪعبي جي باري ۾ دلچسپ معلومات“ جا 22 صفحا پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي ڪعبي شريف جي طواف جي بار بار سعادت نصيب فرماءِ ۽ بار بار گنبذِ خضرا جا جلوا ڏيکار ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو اللہ عَزَّوَجَلَّ ان تي 10 رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم ص 216 حديث 408)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا جي سڀ کان عظيم زيارت گاهہ ڪعبہء مشرفہ آهي، هر مسلمان ان جي ديدار ۽ طواف جي لاءِ بيقرار رهندو

آهي. ڪعبةُ الله جي باري ۾ ڪجهه دلچسپ معلومات پيش ڪجي ٿي. قرآن ڪريم ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ڪعبہ شريف جو ذڪرِ خير ڪيو ويو آهي، جيئن تہ سيپاري پهرين سُوْرَةُ الْبَقَرَة جي آيت 125 ۾ ربُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَاِذْ جَعَلْنَا الْبَيْتَ مَثَابَةً لِّلنَّاسِ وَاَمْنًا ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ياد ڪريو جڏهن اسان بيت الله کي ماڻهن جي موٽڻ جو ماڳ ۽ امان ڪيو سون.

## حرم ۾ وحشي(جانور) شڪار جي پويان ناهن لڳندا

هن آيت سڳوري جي تحت صدرُالافاضل حضرت علامہ مولانا محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "خزائن العِرفان" ۾ لکن ٿا: (هن آيت سڳوري جي لفظ) "بيت" مان ڪعبو شريف مراد آهي ان ۾ سڄو حرم شريف داخل آهي. "امن" بنائڻ مان مراد هيءُ آهي تہ حرمِ ڪعبہ ۾ قتل وغارت حرام آهي يا اهو تہ اتي شڪار کي بہ امن آهي. ايتري تائين جو حرم شريف ۾ شينهن، بگهڙ بہ پنهنجي شڪار جي پويان ناهن ويندا، بلڪ ڇڏي واپس هليا ويندا آهن. هڪ قول اهو بہ آهي تہ مؤمن ان ۾ داخل ٿي عذاب کان محفوظ ٿي وڃي ٿو. حرم کي ان ڪري "حرم" چيو ويو آهي جو ان ۾ قتل ۽ شڪار وغيره حرام ۽ منع آهي. (تفسيرات احمديه ص 34) ۽ جيڪڏهن ڪو مجرم بہ حرم جي حدود ۾ داخل ٿي وڃي تہ اتي ان سان بہ نہ اٽڪڻ گهرجي.

## ڪعبو سڄي جهان جي لاءِ رهنما آهي

الله عَزَّوَجَلَّ جو سيپاري 4 سورهءِ آلِ عمرا ن آيت 96 ۾ فرمان عاليشان آهي:

اِنَّ اَوَّلَ بَيۡتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِىۡ بِبَكَّةَ مُبٰرَكًا وَّهُدًى لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۹۶﴾

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ سڀ کان پهريون گهر جيڪو ماڻهن جي عبادت لاءِ مقرر ٿيو اهو آهي جيڪو مڪي ۾ برڪت وارو ۽ ساري جهان لاءِ رهنما آهي.

مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن آيت سڳوري تحت فرمائن ٿا: ”اي مسلمانو! يا اي سڀ انسانو! يقين سان سمجهي ڇڏيو ته سڄي زمين تي سڀ کان پهريون ۽ سڀ کان افضل گهر جيڪو ماڻهن جي ديني ۽ دنياوي فائدن جي لاءِ پيدا ڪيو ويو ۽ ناهيو ويو، اهو آهي جيڪو مڪي شريف ۾ واقع آهي ۽ نه بيتُ المُقدّس! جيڪو درجي ۾ به ڪعبي کان پوءِ آهي ۽ فضيلت ۾ به. (تفسير نعيمي ج 4 ص 29)

## ”اللّٰه جو پاڪ گهر“ جي بارهن اکرن جي نسبت سان ڪعبي شريف جي باري ۾ 12 مدني گل

مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ڪعبي شريف جون فضيلتون بيشمار آهن، انهن مان ڪجهه عرض ڪجن ٿيون.

(1) بيت المقدّس جا مشهور باني حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام آهن، انهن اهو جنن کان تعمير ڪرايو پر ڪعبة الله شريف جا مشهور باني حضرت خليلُ الله عَلَيۡهِ السَّلَام آهن (2) ڪعبهءِ معظمه ۾ مقامِ ابراهيم، حَجَرِ اَسۡوَد وغيره اهڙيون قدرت جون نشانيون موجود آهن جيڪي بيت المقدّس ۾ ناهن (3) ڪعبهءِ معظمه جي مٿان پکي ناهن اڏامندا، بلڪ فوراً ان جي آس پاس ٿي ويندا آهن (4) ڪعبهءِ معظمه جي حدود ۾ ٻڪري ۽ شينهن هڪ هنڌ پاڻي پيئندا آهن ۽ اتي شڪاري

جانور بہ شڪار ناهن ڪندا (5) ڪعبي جي حدود ۾ قيامت تائين جنگ ۽ قتل حرام آهن (6) ڪعبۂِ معظمہ سيني حجازين خاص طور تي مڪي وارن جي پرورش جو ذريعو آهي جڏهن تہ اها جگهہ غير ذي زرع (يعني بي رونق ۽ ويران) آهي، جتي معاشي ذريعا سڀ اڻ لڀ آهن پر اتان جا رهاڪو بين ڪان وڌيڪ مزي ۾ آهن، مطلب تہ اها جڳهہ صرف عبادت جي لاءِ آهي (7) ربّ تعاليٰ ڪعبي جي حفاظت پاڻ فرمائي جيئن فِيل (يعني هاٿي) وارن کي ابابيل کان مارائي ڇڏيو (8) حجّ هميشہ ڪعبي شريف جو ئي ٿيو ۽ بيت المُقدّس جو حج ڪڏهن بہ نہ ٿيو (9) اللّٰه جا آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪعبي شريف وٽ مڪي شريف ۾ پيدا ٿيا (10) ربّ تعاليٰ ڪعبي جي شهر کي ئي بَلَدُالاَمِين (يعني امن وارو شهر) فرمايو ۽ ان جو قسم کنيو ۽ فرمايو: وَهٰذَا الۡبَلَدِ الۡاَمِيۡنِ "ترجموڪنزالايمان: ۽ ان امن واري شهر جو قسم" (11) ڪعبۂِ معظمہ وٽ هڪ "نيڪيءَ" جو ثواب هڪ لک ۽ بيت المقدس وٽ پنجاهہ هزار (12) فرشتن ۽ ڪيترن ئي نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جو قبلو ڪعبو ئي رهيو، نہ وري بيت المقدس. (تفسير نعيمي ج 4 ص 30، 31)

## بيمار ٻڪي ڪعبي شريف جي هوا سان علاج ڪندا آهن

**صدرالافاضل** حضرت علامہ مولانا سيّد نعيمُ الدين مراد آبادي رَحۡمَةُ اللّٰه عَلَيۡه **خزائن العرفان** ۾ سيپاري 4 سُوۡرَةُ اٰلِ عِمۡرٰن جي 97 آيت سڳوري فِيۡهِ اٰيٰتٌ بَيِّنٰتٌ "ترجموڪنزالايمان: ان ۾ کليل نشانيون آهن." جي تفسير ۾ لکن ٿا: جيڪي ان جي حُرمت ۽ فضيلت تي دلالت ڪن ٿيون. انهن نشانين مان ڪي هي آهن تہ پکي ڪعبي شريف جي مٿان ناهن ويهندا ۽ ان

جي مٿان ناهن اڏامندا، بلڪ اڏامندي ايندا آهن ته هيڏانهن هوڏانهن هٽي ويندا آهن ۽ جيڪي پکي بيمار ٿيندا آهن اهي پنهنجو علاج اهو ڪندا آهن ته ڪعبي شريف جي هوا مان گذرندا آهن ته ان ڪري انهن کي شفا ملندي آهي ۽ وُحُوش (يعني جهنگلي جانور) هڪبئي کي حرم ۾ تڪليف ناهن ڏيندا، ايتري تائين جو ڪتا ان سر زمين ۾ هرڻ جي پويان ناهن ڀڄندا ۽ اتي شڪار ناهن ڪندا ۽ ماڻهن جون دليون ڪعبي پاڪ ڏانهن ڇڪجي اينديون آهن ۽ ان کي ڏسڻ سان ڳوڙها جاري ٿي ويندا آهن ۽ هر جمعي جي رات بزرگن جا روح اتي حاضر ٿيندا آهن ۽ جيڪو ان جي بي حرمتيءَ جو ارادو ڪندو آهي اهو برباد ٿي ويندو آهي. (خزائن العرفان)

## ڪعبي جي زيارت عبادت آهي

حديث پاڪ ۾ آهي: ڪعبي شريف کي ڏسڻ عبادت، قرآن شريف کي ڏسڻ عبادت آهي ۽ عالم جو چهرو ڏسڻ به عبادت آهي. (فردوس الاخبار، حديث 2791 ج 1 ص 376) هڪ ٻي روايت ۾ آهي: زم زم کي ڏسڻ عبادت آهي. (اخبار مكة للفاكهي ج 2 ص 14 حديث 1105)

## ڪعبو شريف قبلو آهي

حضرت سيّدنا ابن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڪعبه شريف ۾ داخل ٿيا ته ان جي ڪنڊن ۾ دعا گهريائون پر نماز نه پڙهيائون ايتري تائين جو اتان ڪان تشريف کڻي آيا ۽ جڏهن نڪتا ته ٻه رڪعتون ڪعبي جي سامهون پڙهيون ۽ فرمايو ته اهو آهي قبلو. (صحيح بخاري ج 1 ص 156 حديث 398)

مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ”اهو

آهي قبلو“ جي وضاحت ۾ لکن ٿا: يعني قيامت تائين ڪعبو شريف سيني مسلمانن جو قبلو ٿي ويو ۽ ڪڏهن بہ منسوخ نہ ٿيندو ۽ ان ۾ اشارو اهو بہ آهي تہ ڪعبي جو هر حصو قبلو آهي ۽ سڄو ڪعبو نمازيءَ جي سامهون هئڻ ضروري ناهي. (مراٰۃ المناجیح ج 1 ص 429)

## ڪعبي جي اندر نماز ۾ ڪيڏانهن منهن ڪجي؟

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب، بهار شريعت جلد اول ص 487 تي مسئلو نمبر 50 آهي: ڪعبي شريف جي اندر نماز پڙهي تہ جنهن طرف چاهي پڙهي ۽ ڪعبي جي ڇت تي بہ نماز ٿي ويندي، پر ان جي ڇت تي چڙهڻ منع آهي. (غنیة ص 616 وغیرھا)

## صرف ٽن مسجدن جي لاءِ سفر واري حديث ۾ شرح

حضرت سيّدنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ٽن مسجدن کانسواءِ کنهن ٻئي طرف ڪجاوا نہ ٻڌا وڃن (يعني سفر نہ ڪيو وڃي) (1) مسجد حرام (2) مسجدِ نبوي (3) مسجدِ اقصيٰ. (صحیح بخاري ج 1 ص 401 حدیث 1189)

مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ تحرير فرمائن ٿا: يعني انهن مسجدن کانسواءِ ٻين مسجدن ڏانهن ان ڪري سفر ڪري وڃڻ تہ اتي نماز جو ثواب وڌيڪ آهي منع آهي، جيئن ڪجھ ماڻهو جمعو پڙهڻ جي لاءِ بَدَايُون کان دَهَلي ويندا هئا تہ جيئن اتي جي جامع مسجد ۾ ثواب وڌيڪ ملي، اهو غلط آهي. (ٽن کان علاوه) هر جڳهہ جون مسجدون ثواب ۾ برابر آهن ان ڪري حديث بلڪل واضح آهي. ڪجھ ماڻهن ان جي اها معنيٰ سمجهي تہ انهن

ٽن مسجدن کانسواءِ ڪنهن بي مسجد ڏانهن سفر ئي حرام آهي ان ڪري عرس، قبرن جي زيارت وغيره جي لاءِ سفر حرام. جيڪڏهن اهو مطلب هجي ها ته پوءِ تجارت، علاج، دوستن جي ملاقات، ديني علم سکڻ وغيره سيني ڪمن جي لاءِ سفر حرام ٿي ويندو ۽ هيءَ حديث قرآن ۽ ٻين حديثن جي خلاف ٿيندي، ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ ثُمَّ انْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١١﴾

**ترجموڪنزالايمان:** توهان فرمايو زمين ۾ سير ڪريو پوءِ ڏسو ته ڪوڙو سمجهندڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي.

(پ 7، سُورَةُ الاَنعَامِ 11)

”مِرقاة“ انهيءَ جڳهه ۽ ”شامي“ جي ”باب زيارتِ قبور“ ۾ آهي: جيئن ته انهن ٽن مسجدن کانسواءِ سڀ مسجدون ثواب ۾ برابر آهن ان ڪري ٻين مسجدن ڏانهن وڌيڪ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان سفر منع آهي ۽ الله تعالیٰ جي ولين جي قبرن جو فيض ۽ برڪت ٻي ڳالهه آهي، ان ڪري قبرن جي زيارت جي لاءِ سفر جائز آهي. (مراة المناجيح ج 1 ص 431، مرقاة ج 2 ص 397 تحت الحديث 693، ردالمحتار ج 3 ص 178)

## هر قدم تي نيڪي ۽ هر خطا معاف

حضرت سيّدنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون ابوالقاسم محمد رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻڌو ته جيڪو ڪعبي شريف جي ارادي سان آيو ۽ اُٺ تي سوار ٿيو ته اُٺ جيڪو قدم کڻندو ۽ رکندو آهي، الله تعالیٰ ان جي بدلي ان جي لاءِ نيڪي لکي ٿو ۽ خطا مٽائي ٿو ۽ درجو بلند فرمائي ٿو، ايستائين جو جڏهن خانهءِ ڪعبه جي ويجهو پهچي، طواف ڪري ۽ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي ڪري پوءِ مٿو ڪوڙائي يا وار ڪترائي ته گناهن کان ائين

نڪري ويندو جيئن ان ڏينهن ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو.
(شعب الايمان ج 3 ص 478 حديث 4115)

## سيدنا آدم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ڪعبو

حضرت سيدنا آدم صفِيُّ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جڏهن جنت کان هن دنيا ۾ تشريف وٺي آيا تہ ربُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ وحشت ۽ تنهائي بابت فرياد ڪيو. الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي ڪعبي جي تعمير ۽ ان جي طواف جو حڪم ڏنو، حضرت سيّدنا نوح نجيُّ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي زماني تائين اهو ئي ڪعبو برقرار رهيو. حضرت سيدنا نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي طوفان ۾ هن ڪعبي کي ستين آسمان تي مٿي ڪعبي جي حدود جي سڌ ۾ مٿي ڪنيو ويو، هاڻي اتي فرشتا ان گهر ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندا آهن. (تفسير ڪبير ج 3 ص 296)

## ولادت جي خوشيءَ ۾ ڪعبي تي جهنڊو

سيدتنا آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون ڏٺو تہ ٽي جهنڊا نصب ڪيا ويا، هڪ مشرق ۾، ٻيو مغرب ۾، ٽيون ڪعبي جي ڇت تي ۽ نبيءِ رحمت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت ٿي وئي.
(خصائصِ ڪبرٰي ج 1 ص 82 مختصراً)

روح الامیں نے گاڑا کعبے کی چھت پہ جھنڈا
تا عرش اڑا پھریرا صبحِ شبِ ولادت
(ذوق نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪعبي جي هڪ زبان ۽ ٻہ چپ آهن

شهنشاهِ خوش خصال، پيڪر حسن و جمال صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: بيشڪ ڪعبي کي هڪ زبان ۽ ٻہ چپ آهن ۽

هن شڪايت ڪندي عرض ڪيو: يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! منهنجي طرف هر هر اچڻ وارا ۽ منهنجي زيارت ڪرڻ وارا گهٽ ٿي ويا آهن. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ وحي فرمائي: مان خشوع و خضوع ۽ سجدا ڪرڻ وارو انسان پيدا ڪرڻ وارو آهيان جيڪو تو تي هن طرح مشتاق (يعني شوق رکڻ وارو) هوندو جهڙي طرح ڪبوتري پنهنجي آنن جي مشتاق(يعني شوق رکڻ واري) هوندي آهي. (معجم اوسط ج 4 ص 305 حديث 6066)

## حضرت سليمان جو لشڪر ۽ ڪعبو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ملفوظاتِ اعلٰي حضرت" صفحي 130 تي آهي: حضرت سيدنا سُلَيمان عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو تخت هوا ۾ اڏامي رهيو هو جڏهن ڪعبۂ معظم ڪان گذريو تہ ڪعبو رُنو ۽ بارگاهِ اَحَديت (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ) ۾ عرض ڪيو: تنهنجي نبين مان هڪ نبي ۽ تنهنجي لشڪرن مان هڪ لشڪر گذريو نہ مون وٽ ترسيا، نہ نماز پڙهي. ان تي ارشادِ باري تعالٰي ٿيو: نہ رو! مان تنهنجو حج پنهنجي ٻانهن تي فرض ڪندس جيڪي تنهنجي طرف ائين ايندا جيئن پکي پنهنجي آکيرن ڏانهن ۽ اهڙي طرح روئيندي ڊڪندا جهڙي طرح ڏاچي پنهنجي ٻچن جي شوق ۾ ۽ تو (يعني تنهنجي شهر) ۾ نبي آخرُ الزّمان (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي پيدا ڪندس جيڪو مون کي سڀ نبين (عَلَيْهِمُ السَّلَام) کان پيارو آهي.
(تفسير بغوي ج 3 ص 351 ملخصاً)

## محشر ۾ ڪعبو سوني زنجيرن سان ٻڌي آندو ويندو

حضرت سيّدنا وَهَب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ "تورات شريف" ۾ آهي: **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن پنهنجي ست لک مُقرّب

ملائڪن کي موڪليندو جن ۾ هر هڪ جي هٿ ۾ هڪ سوني زنجير هوندي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: ”وڃو! ۽ ڪعبي کي انهن زنجيرن ۾ ٻڌي محشر ڏانهن وٺي اچو“ فرشتا ويندا اُن کي زنجيرن سان ٻڌي ڇڪيندا ۽ هڪ فرشتو پڪاريندو: اي ڪعبة **اللّٰه**! هل. ته ڪعبو شريف چوندو: مان نه هلندس جيستائين منهنجو سوال پورو نه ٿيندو. آسمان تان هڪ فرشتو پڪاريندو: ”ته تون سوال ڪر!“ ڪعبو بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪندو: ”اي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ! تون منهنجي پاڙي ۾ مري ويل مؤمنين جي حق ۾ منهنجي شفاعت قبول فرماءِ.“ پوءِ ڪعبو شريف هڪ آواز ٻڌندو: ”مون تنهنجو عرض قبول فرمايو.“ حضرت سيدنا وَهَب بن مُنَبِّہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: پوءِ مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا ۾ دفن ٿيلن کي اٿاريو ويندو جن جا چهرا سفيد هوندا. اهي سڀ اِحرام جي حالت ۾ ڪعبي جي چوڌاري جمع ٿي تلبِيہ (يعني لَبَّيڪ) چئي رهيا هوندا. پوءِ فرشتا چوندا: اي ڪعبہ! هاڻي هل! ته هو چوندو: مان نه هلندس، جيستائين منهنجي درخواست قبول نه ٿيندي. آسمان مان هڪ فرشتو چوندو: تون گهُر، تو کي ڏنو ويندو، ته ڪعبو شريف چوندو: اي **اللّٰه**! تنهنجا گنهگار ٻانها جيڪي پري پري کان گڏ ٿي مٽي هاڻا ٿي مون وٽ آيا، انهن پنهنجي اهل و عيال ۽ گهر وارن کي ڇڏيو، انهن فرمانبرداري ۽ زيارت جي شوق ۾ نڪري تنهنجي حڪم جي مطابق حج جا رڪن ادا ڪيا، ته مان توکان سوال ڪريان ٿو ته انهن جي حق ۾ منهنجي شفاعت قبول فرما، انهن کي قيامت جي گهبراهٽ کان امن عنايت فرماءِ ۽ انهن کي منهنجي چوڌاري جمع ڪري ڇڏ. هڪ فرشتو ندا ڪندو: اي ڪعبہ انهن ۾ اهڙا ماڻهو به هوندا جنهن تنهنجي طواف کان پوءِ گناهن جو اِرتِڪاب ڪيو هوندو ۽ انهن تي اصرار ڪري پنهنجي مٿان جهنم واجب ڪري

ڇڏيو هوندو. ڪعبو عرض ڪندو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! انهن گناهگارن جي حق ۾ بہ منهنجي شفاعت قبول فرماءِ جنهن تي جهنم واجب ٿي چڪو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: مون انهن جي حق ۾ تنهنجي شفاعت قبول فرمائي تہ اهو ئي فرشتو ندا ڪندو: جنهن بہ ڪعبي جي زيارت ڪئي هئي اهي بين ماڻهن کان الڳ ٿي وڃن، الله عَزَّوَجَلَّ انهن سڀني کي ڪعبي جي چوڌاري جمع ڪري ڇڏيندو. انهن جا چهرا اڇا هوندا ۽ اهي جهنم کان بي خوف ٿي طواف ڪندي تلبِيّہ چوندا: پوءِ فرشتو پڪاريندو: اي ڪعبہ هل، تہ ڪعبو شريف ائين تلبِيّہ ڪندو: ”لَبَّيْکَ اللّٰهُمَّ لَبَّيْکَ، وَالْخَيْرُ کُلُّهٗ بِيَدَيْکَ، لَبَّيْکَ لَا شَرِيْکَ لَکَ لَبَّيْکَ، اِنَّ الْحَمْدَ وَ النِّعْمَةَ لَکَ وَ الْمُلْکَ لَا شَرِيْکَ لَکَ“ پوءِ فرشتا ان کي ڇڪي محشر جي ميدان تائين وٺي ايندا. (الروض الفائق ص 66)

## قيامت جي ڏينهن ڪعبو شريف ڪنوار جيان اٿاريو ويندو

منقول آهي: الله عَزَّوَجَلَّ بيت الله سان واعدو فرمايو تہ هر سال ڇهہ لک ماڻهو ان جو حج ڪندا، جيڪڏهن گهٽ ٿي ويا تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرشتن جي ذريعي ان جي ڪمي پوري فرمائيندو ۽ قيامت جي ڏينهن ڪعبو شريف پهرين رات جي ڪنوار جيان اٿاريو ويندو تہ جن ماڻهن ان جو حجّ ڪيو، اهي ان جي پردن سان لٽڪيل هوندا ۽ ان جي چوڌاري طواف ڪري رهيا هوندا ايستائين جو ڪعبو شريف جنت ۾ داخل ٿيندو تہ اهي بہ ان سان گڏ داخل ٿي ويندا. (احياءُ العلوم ج 1 ص 324)

تصدق ہو رہے ہیں لاکھوں بندے گرد پھر پھر کر
طوافِ خانہ کعبہ عجب دلچسپ منظر ہے (ذوق نعت)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## طواف جا فضائل

سيپارو 17 سورة الحج آيت نمبر 29 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمان عاليشان آهي:

وَلْيَطَّوَّفُوْا بِالْبَيْتِ الْعَتِيْقِ ﴿۲۹﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ آزاد گهر جو طواف ڪن.

## طواف جي شروعات ڪيئن ٿي؟

مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ”تفسير نعيمي“ ۾ نقل فرمائن ٿا: (صاحبِ تفسير) روحُ البيان ۽ (صاحبِ تفسير عزيزي فرمايو: زمين ڪان پهريان پاڻي ئي پاڻي هو. قدرتي طور تي ٻه هزار سال اڳ ڪعبي جي جڳهه تي اڇي گاج پيدا ٿي، ڪجهه ڏينهن ۾ ان کي پکيڙي زمين ڪيو ويو پوءِ جڏهن الله (عَزَّوَجَلَّ) فرشتن کي حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي پيدائش جي خبر ٻڌائي ته انهن پنهنجي خلافت جو استحقاق (يعني حقدار هئڻ جي دعوٰي) پيش ڪئي ۽ آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي پيدائش جي حڪمت پڇي. پر ان جرئت تي معذرت ڪندي توبهه جي نيت سان ست سال عرشِ اعظم جو طواف ڪيو. حڪمِ الاهي ٿيو ته زمين ۾ ٻه انهيءَ گاج جي جڳهه تي نشان لڳايو جتي منهنجا ٻانها خطا ڪري پوءِ ان جي طواف سان مون کي راضيءَ ڪندا. (تفسير نعيمي ج 1 ص 641، تفسير روح البيان ج 1 ص 230)

## طواف جي هر قدم جي بدلي ڏهه نيڪيون ۽ ---

حضرت سيدنا عبدالله بن عمر رَضِىَ اللهُ عَنۡهُمَا فرمائن ٿا ته مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو آهي: جنهن ڪُٽي طواف جا ست ڦيرا ڏنا ۽ پوءِ ٻه رڪعتون ادا ڪيون ته هڪ غلام آزاد ڪرڻ جي

برابر آهي ۽ طواف ڪندي انسان جي هر قدم جي بدلي ان جي لاءِ ڏهه نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ ڏهه گناهه مٽايا ويندا آهن ۽ ڏهه درجا بلند ڪيا ويندا آهن.(مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 202 حديث 4462)

## غلام آزاد ڪرڻ جي برابر ثواب

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو بيت الله جي طواف جا ست ڦيرا ڏيئي ۽ ان ۾ ڪا لغو (يعني بيهوده) ڳالهه نه ڪري ته هي هڪ غلام آزاد ڪرڻ جي برابر آهي.
(المعجم الڪبير ج 20 ص 360 حديث845)

## غلام آزاد ڪرڻ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو شخص، مسلمان غلام آزاد ڪندو ان (غلام) جي هر عضوي جي بدلي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ان (آزاد ڪرڻ واري) جي هر عضوي کي جهنم کان آزاد فرمائيندو. حضرت سيدنا سعيد بن مَرجانه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مان جڏهن حضرت سيدنا زينُ العابدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي خدمتِ عالي ۾ هي حديثِ پاڪ ٻڌائي ته پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجو هڪ اهڙو غلام آزاد ڪري ڇڏيو جنهن جي حضرت سيدنا عبدالله بن جعفر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا ڏهه هزار درهم قيمت لڳائي چڪا هئا. (صحيح بخاري ج 2 ص 150 حديث 2517)

## روزانو 120 رحمتن جو نزول

حضرت سيدنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي ته نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ بيتُ الحرام جو حج ڪرڻ وارن تي هر ڏينهن 120 رحمتون نازل فرمائي ٿو، 60 طواف ڪرڻ وارن جي لاءِ ۽ 40 نماز پڙهڻ وارن جي لاءِ ۽ 20

نظر(باس باسڻ وارن) جي لاءِ. (الترغيب و الترهيب ج 2 ص 123 حديث 6) ياد رکو! هن حديثِ پاڪ ۾ بيان ڪيل فضيلت صرف حاجين جي لاءِ آهي.

## پنجاهه پيرا طواف ڪرڻ جي عظيم فضيلت

حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي ته مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: جنهن 50 پيرا طواف ڪيو گناهن کان ائين نڪري ويندو جيئن اڄ پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو. (ترمذي ج 2 ص 244 حديث 867)

## طواف نماز وانگر آهي

حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي ته سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: بيتُ الله جي چوڌاري طواف نماز وانگر آهي سواءِ اهو جو توهان ان ۾ ڪلام ڪري سگهو ٿا، پوءِ جيڪو طواف ۾ ڪلام ڪري ته سٺو ئي ڪلام ڪري. (ترمذي ج 2 ص 286 حديث 962)

مُفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ حديثِ پاڪ جي هن حصي ”بيت الله جي چوڌاري طواف نماز وانگر آهي“ جي تحت فرمائن ٿا: طواف به نماز وانگر بهترين عبادت آهي. علماءُ فرمائن ٿا: مڪي وارن لاءِ (نفلي) نماز (نفلي) طواف کان افضل آهي ۽ باهر وارن جي لاءِ (نفلي) طواف (نفلي) نماز کان افضل جو انهن ڪي هن خاص زماني ئي ۾ طواف ميسر ٿئي ٿو. (مراة ج 4 ص 132)

## ڪعبي جي طواف جي لاءِ وضو واجب آهي

(جيڪڏهن) وضو نه هجي ته نماز، سجدهءِ تلاوت ۽ قرآن شريف ڇُهڻ

جي لاءِ وضو ڪرڻ فرض آهي ۽ خانہ ڪعبہ جي طواف جي لاءِ وضو واجب آهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 301-302)

## سخت گرميءَ ۾ طواف جي فضيلت

حضرت علامہ محمد هاشم ٺٽوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا تہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن خاموشي ۽ ذڪرِ الاهي ڪندي، سخت گرميءَ ۾ طواف هن طرح ڪيو جو نہ ڪلام ڪيو، نہ ڪنهن کي تڪليف ڏني ۽ هر شوط (يعني ڦيري) تي اِستِلام ڪيو تہ هر قدم تي ستر هزار نيڪيون لکيون وينديون، ستر هزار گناه متجي ويندا ۽ ستر هزار درجا بلند ٿيندا. (ڪتاب الحج ص 280)

## برسات ۾ طواف جي فضيلت

حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن برسات ۾ طواف جا ست چڪر لڳايا ان جا اڳوڻا گناه بخشجي ويندا آهن. (قوت القلوب ج 2 ص 198)

## جڏهن اسان مينهن ۾ طواف ڪري چڪيو تہ ----

حضرت سيدنا ابو عِقال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيرو مون برسات جي دوران حضرت سيدنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ بيت الله شريف جو طواف ڪيو. جڏهن اسان طواف مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ”مقامِ ابراهيم“ تي حاضر ٿياسين ۽ ٻہ رڪعتون ادا ڪيون تہ حضرت سيدنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اسان کي فرمايو: ”نئي سر عمل شروع ڪيو ڇو تہ توهان جي مغفرت ٿي وئي آهي“ پوءِ فرمايو تہ جڏهن اسان حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ مينهن جي دوران طواف ڪيو هو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي ان طرح فرمايو هو. (ابن ماجه ج 3 ص 523 حديث 3118)

## اعلٰي حضرت برسات ۾ طواف ڪيو

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”ملفوظاتِ اعلٰي حضرت“ صفحي 209 تي آهي: جڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي فضل سان محرم جي آخري ڏينهن تندرست ٿيس تہ پوءِ اتان جي سلطاني حمام ۾ ويس، ٻاهر نڪتس تہ ڪڪر ڏٺم، حرم شريف پهچندي ئي وسڻ لڳو. مون کي حديث ياد آئي: ”جيڪو مينهن وسڻ دوران طواف ڪري اهو رحمتِ الٰهي ۾ ترندو آهي.“ جلدي حَجر اَسوَد شريف کي چمي ڏئي مينهن ۾ ئي طواف جا ست ڦيرا مڪمل ڪيا تہ وري بخار ٿي پيو. مولانا سيد اسمٰعيل فرمايو: ”هڪ ضعيف حديث جي لاءِ توهان پنهنجي جسم جي ايتري بي احتياطي ڪئي!“ مون چيو: حديث ضعيف آهي پر بِحمد الله تعالٰي اميد قوي (يعني طاقتور) آهي، هي طواف بِحمدِ الله تعالٰي ڏاڍو مزي جو ٿيو. مينهن سبب طواف ڪرڻ وارن جي اها گهٽائي نہ هئي.

(ملفوظاتِ اعلي حضرت، حصو پيون ص 209)

## اڄڪلهہ مينهن ۾ طواف جون دشواريون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دور ۾ حاجين جو تعداد تمام گهٽ هوندو هو پر اڄڪلهہ ڪافي وڌي ويو آهي. ان ڪري مينهن دوران طواف ۾ وڌي رش هوندي آهي. ان ۾ مردن ۽ عورتن جو ميل جول، بي احتياطي سبب بي پردگيون، اوگهڙ جا معاملا، ميزابِ رحمت کان حطيم شريف ۾ وهندڙ پاڻي ۾ غسل ڪرڻ وارن ۽ وارين جو مجمعو لڳو پيو هوندو آهي. ان ڪري اهڙن موقعن تي حاجين کي خوب غور ڪرڻ گهرجي تہ ڪٿي مستحب عمل ڪندي ڪندي گناهن ۾ نہ پئجي وڃن. جڏهن عورتن کان

جسم تڪرائڻ جي بغير مينهن ۾ طواف ممڪن نہ هجي تڏهن تہ جاڳي واٽي ائين ڪرڻ وارا ثواب جا حقدار ٿيڻ جي بجاءِ گنهگار ٿيندا. باقي جن ڏينهن ۾ رش نہ هجي، موقعو ملڻ تي مينهن ۾ طواف جي سعادت ضرور حاصل ڪرڻ گهرجي.

مدینے میں چلوں مکے کی گلیوں میں پھروں یارب!
میں بارش میں طوافِ خانہ کعبہ کروں یارب!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## صَفا مَروه

هي ٻئي جبل اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نشانين مان آهن، جيئن تہ اللّٰه تعاليٰ سيپاري 2 سورة البقره آيت نمبر 158 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الصَّفَا وَ الْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآىٕرِ اللّٰهِۚ فَمَنْ حَجَّ الْبَیْتَ اَوِ اعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَیْهِ اَنْ یَّطَّوَّفَ بِهِمَاؕ وَ مَنْ تَطَوَّعَ خَیْرًاۙ فَاِنَّ اللّٰهَ شَاكِرٌ عَلِیْمٌ(۱۵۸)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ صفا ۽ مروه اللّٰه جي نشانين مان آهن پوءِ جيڪو اُن گهر جو حج يا عمرو ڪري ان تي گناهہ ناهي جو هنن ٻنهي جو طواف ڪري ۽ جيڪو پاڻهين چڱو ڪم ڪري تہ اللّٰه نيڪيءَ جو بدلو ڏيندڙ ۽ ڄاڻ وارو آهي.

(پ 2، سُورَةُ البقره 158)

## مرد ۽ عورت پٿر ٿي ويا

مفسر شهير، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پهرين زماني ۾ هڪ شخص اِسَاف هو ۽ هڪ عورت نائلہ هئي. انهن خانہ ڪعبہ ۾ هڪ ٻئي ڪي بد نيتي سان هٿ لڳايو تہ عذابِ

الٰهي سان بڇي پٿر (يعني بت) ٿي ويا ۽ عبرت جي لاءِ ”اِسَاف“ کي تہ صفا جبل تي رکيو ويو ۽ ”نائلہ“ کي مَروَہ تي تہ جيئن ماڻهو انهن کي ڏسي هتي گناهہ جي خيال کان بچن. ڪجهہ زماني کان پوءِ جڏهن جهالت وڌي وئي تہ ماڻهو انهن کي پوڄڻ لڳا، جڏهن صفا ۽ مَروَہ جي وچ ۾ پڄندا هئا تہ تعظيم جي ارادي سان انهن کي هٿ لڳائيندا هئا. مسلمانن (صحابہ ڪرام) کي صفا ۽ مَروہ جي وچ ۾ پڄڻ ناپسند لڳو، ڇو تہ ان ۾ بت پرستن ۽ بت پرستي جي مشابهت هئي. تڏهن هي آيت سڳوري نازل ٿي جنهن ۾ انهن جي تسلي فرمائي وئي تہ توهان جو هي ڪم (يعني سعي ڪرڻ) اللّٰہ جي رضا جي لاءِ آهي، توهان ان ۾ حرج نہ سمجهو. (تفسيرِ نعيمي ج 2 ص 97)

## بي بي هاجره جي سعي جي ايمان افروز حڪايت

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان حضرت ابراهيم خليل اللّٰہ عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کجورن جي هڪ ٽوڪري ۽ ڪجهہ ماني جا ٽڪر ۽ پاڻي جو مشڪيزو ڏئي سيدتنا هاجره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهَا ۽ پنهنجي ڪير پياڪ شهزادي حضرت سيدنا اسمٰعيل عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي ويراني ۾ ڇڏي واپس موٽي آيا. مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہِ فرمائن ٿا: جيستائين کجور ۽ پاڻي باقي هو حضرت هاجره (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهَا) اطمينان سان گذارو ڪيو ۽ فرزند کي کير پياريندي رهي پر پاڻي ختم ٿيڻ تي اُڃ ستايو، فرزند بي اختيار روئڻ لڳو، پنهنجو ايترو فڪر نہ هو پر اکين جي ٺار جي بيقراري برداشت نہ ٿي، ان ڪري صفا تي چڙهيون تہ شايد ڪٿي پاڻي ملي پر نہ مليو مايوس ٿي هيٺ لٿيون، مَروَہ جبل ڏانهن نڪتيون پر نظر فرزند تي هئي. رستي جي ڪجهہ حصي ۾ فرزند ۽ سندس جي وچ ۾ ڪا شيءِ

حائل ٿي ته پاڻ ان (فاصلي) کي جلدي طئي ڪرڻ لاءِ ڊوڙڻ لڳيون، ان شيءِ جي اوٽ مان نڪري وڃڻ تي بيهر آهستي هليون، ايستائين جو ”مَروَه“ تي پهچي ويون. اتي چڙهي ڪري به پاڻي نظر نه آيو بيهر صفا ڏانهن نڪيون اهڙي طرح ست چڪر لڳايا هر ڀيري وچ ۾ ڊوڙيون هيون. (صفا ۽ مَروه جي سعي ان جي يادگار آهي) آخري ڀيرو مَروه تي چڙهيون ته هڪ هيبت ناڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو! ڊڄي ڪري فرزند وٽ آيون ته ڏٺائون ”اهي روئندي پنهنجون کڙيون زمين تي رڳڙي رهيا آهن جنهن سان مٺي پاڻي جو چشمو جاري آهي!“ ڏاڍيون خوش ٿيون ۽ ان جي چوڌاري مٽي گڏ ڪري فرمائڻ لڳيون: يَامَاءُزَمْزَمْ ”اي پاڻي! بيهه بيهه“ ان ڪري ان جو نالو آبِ زم زم ٿيو. (تفسيرِ نعيمي ج 1 ص 694)

اس میں زم زم ہو کہ تھم تھم اس میں جم جم ہو کہ بیش
کثرتِ کوثر میں زم زم کی طرح کم کم نہیں

(حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مقام ابراهيم

مقام ابراهيم جو قرآن ڪريم ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. جيئن ته پهرئين سيپاري، سورة البقره جي آيت نمبر 125 ۾ آهي:

وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّی ط

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ابراهيم جي بيهڻ جي جاءِ کي نماز پڙهڻ جي جاءِ مقرر ڪري وٺو.

”مقامِ ابراهيم“ جنّتي پٿر آهي ۽ حضرت سيّدنا ابراهيم خليلُ الله

عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان تي تي پيرا بينا هئا: (1) ان مبارڪ پٿر تي بينا ۽ سندن ننهن (حضرت اسماعيل عَلَیۡہِ السَّلَام جي گھرواريءَ) سندن مٿو مبارڪ ڌوتو (2) ڪعبي پاڪ جي تعمير وقت جڏهن پٿيون مٿي ٿيون تہ سيدنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن حضرت اسماعيل عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي فرمايو: ڪو پٿر ڪٽي اچو تہ جيئن ان تي بيهي پٿيون ناهيان. سيدنا اسماعيل عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پٿر جي ڳولا ۾ ”جبل ابي قُبَيس“ ڏانهن ويا تہ رستي ۾ حضرت سيدنا جبرائيل عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام مليا ۽ چيائون: اچو توهان کي هڪ پٿر ٻڌايان جيڪو آدم عَلَیۡہِ السَّلَام سان گڏ دنيا ۾ آيو هو ۽ ان کي ادريس عَلَیۡہِ السَّلَام طوفانِ نوح جي خوف سبب ان جبل ۾ دفن ڪري ڇڏيو هو، ان هنڌ ننڍا وڏا بہ پٿر مدفون آهن. ننڍي کي تہ ڪعبي جي ديوار ۾ دروازي جي ويجهو لڳايو تہ جيئن هر طواف ڪرڻ وارو ان کي چمي يعني حَجَرِ اَسوَد ۽ وڏي تي ابراهيم عَلَیۡہِ السَّلَام بيهي عمارت ناهين. ان ڪري پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ٻئي پٿر ڪٽي آيا ۽ اهو پيغام الٰهي بہ پهچايو. ابراهيم عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام حڪم الٰهي مطابق حجرِ اسود کي تہ هڪ ڪنڊ ۾ لڳايو ۽ وڏي تي بيهي ڪري تعمير جو ڪم جاري ڪيو جيتري قدر عمارت بلند ٿيندي پئي وئي تہ اهو پٿر بہ بلند ٿيندو پئي ويو ۽ ايتري تائين جو پاڻ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تعمير مان فارغ ٿيا. (تفسير نعيمي ج 1 ص 680)

هوتے کہاں خلیل بنا کعبہ و منٰی
لولاک والے! صاحبی سب تیرے گھر کی ہے

(حدائق بخشش)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حَجَرِ اسود

اهو جنتي پٿر آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: رڪن (يعني حجرِ اسود) ۽ مقام ابراهيم ٻه ”جنّتي ياقوت“ آهن. شروع ۾ ڏاڍا نوراني هئا. الله تعالٰي انهن جو نور لڪائي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن ائين نه ٿئي ها ته اهي اوڀر ۽ اولهه کي چمڪائي ڇڏين ها. (تفسير نعيمي ج 1 ص 630)

هڪ ٻي روايت ۾ آهي: جڏهن حَجرِ اسود ڪعبي جي ڀت ۾ لڳايو ويو ته ان جي روشني چوطرف پري پري تائين ويندي هئي ۽ جيستائين ان جي روشني وئي اوستائين حرم جون حدون مقرر ٿيون جنهن ۾ شڪار ڪرڻ منع آهي ۽ حَجَرِ اسود جو رنگ بلڪل اڇو هو پر گنهگارن جي هٿن ان کي ڪارو ڪري ڇڏيو. (ايضاً ص 680-681)

حضور رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي چميو آهي، فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو: اي حَجَرِ اسود! مون کي خبر آهي ته تون هڪ پٿر آهين، نفعي نقصان جو مالڪ ناهين، جيڪڏهن مان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تو کي چمندي نه ڏسان ها ته تو کي ڪڏهن به نه چمان ها. (بلد الامين ص 61) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: قيامت جي ڏينهن اهو پٿر ڪنيو ويندو ۽ ان جون ٻه اکيون هونديون جنهن سان هو ڏسندو، زبان هوندي جنهن سان ڳالهائيندو ۽ پنهنجي اِستِلام ڪرڻ واري جي حق ۾ شاهدي ڏيندو. (ترمذي ج 2 ص 286 حديث 963)

## حجر اسود جون خصوصيتون

❖ ان کي هٿ لڳائڻ گناهن کي مٽائي ٿو ❖ اعلانِ نبوت کان اڳ ۾ اهو مبارڪ پٿر شاهِ خيرُ الانام صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سلام ڪندو هو ❖ ان پٿر شريف کي وري هڪ ڀيرو پنهنجي اصل صورت ۾ آندو

ويندو ❖ قيامت جي ڏينهن ان جي جسامت جبلِ ابي قُبَيس جيتري هوندي. (بلد الامين ص 62، الجامع اللطيف لابن ظهيرة ص 37)

کالک جبیں کی سجدۂ در سے چھڑاؤ گے
مجھ کو بھی لے چلو یہ تمنا حجر کی ہے

(حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. * سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ * روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ








مدني چينل

DAWAT-E-ISLAMI

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net